عصمت فاطمہ ويسر ۽
پروفيسر ڊاڪٽر قمر جهان مرزا

# ويراڳي ڪلام ۾ عشق جو فلسفو ۽ حُسن جمال جو شعور

**_Abstract:_**

_Love is unlimited in its concept. Love is an inspiring source of mystic devotional poetry that is subjective and as well as objective. Love is the only way towards peace, religious harmony and brotherhood. In this research paper, I have emphasized (with the help of examples) about the importance of love in human society. This is a study of human love, which guides us to find the path of divine love. Mystic message is the constitution of love and brotherhood, and the only way for satisfaction and mental peace._

**جيئن** تصوف کي ڪنهن هڪ نںڍڙي وصف ۾ بيان نٿو ڪري سگهجي، تيئن عشق جون بہ وسيع سرحدون آهن. جيئن ڪائنات وسيع آهي، تيئن عشق بہ ڦهليل آهي، جنهن جون ڪيئي وسعتون آهن. ويراڳ ۽ تصوف جو دروازو عشق جي ڪُنجيءَ کان سواءِ نہ کُلندو آهي. ڪائنات جي تخليق جو بنياد بہ عشق آهي. اهڙي شاعريءَ جو محرڪ بہ عشق آهي. ويراڳي ۽ صوفي شاعرن وٽ عشق جون ڪيئي منزلون آهن. مجاز جي پهرئين ڏاڪي کان وٺي، حقيقي عشق جي عالمگير سچائيءَ تائين ويراڳيءَ کي ڪافي ڪشالا ڪڍڻا پون ٿا. اهي ڪشالا ويراڳيءَ لاءِ سُرور جو سبب بڻجن ٿا. ويراڳيءَ جي اندر ۾ عشق اهڙي آتش پيدا ڪري ٿو، جيڪا اڳتي هلي نور ۾ تبديل ٿي وڃي ٿي. اهو ئي نور صوفي، عاشق ويراڳيءَ جي وک وک تي رهنمائي ڪري ٿو ۽ هو ڪامل انسان بڻجي وڃي ٿو. ان ڪري هڪ ويراڳي صوفيءَ لاءِ عشق تمام وڏي وِٿَ آهي.

عشق لڳيئي تان ڪر آمين،
نا منجھ ڪُفر نا منجھ دين.

(انصاري، ١٩٩٧ع: ٣٠)

هڪ ويراڳي شاعر عاشق بہ آهي. عاشقن جون ڪيئي علامتون آهن. شاهہ وٽ عاشق لاءِ پتنگ جي علامت آهي ۽ سندس سورميون عاشق بہ آهن. عشق جي راهہ





تي هڪڙي رُلي مري ٿي، هڪڙي ٻُڏي مري ٿي ۽ هڪڙي وري سڙي مري ٿي. انهن جو موت عشق جي راهہ ۾ آهي، ان ڪري اهو مهان موت آهي:

مرڻا اڳي جي مُئا، سي مري ٿين نہ مات،
هوندا سي حيات، جيئڻا اڳي جي جيئا.

(آڏواڻي، ١٩٩٧ع: ٦٤)

اڳي پوءِ مران، مَرُ مران مارڳ ۾،
مٿي پوءِ پِريان، خون منهنجو جيڏيون.

(آڏواڻي، ١٩٩٧ع: ٣٣)

ويراڳي شاعريءَ ۾ عشق جو درجو تمام ضروري ۽ اهم آهي. عشق ئي بنيادي محرڪ آهي، جنهن مان ٻيون ڪيفيتون، فراق، وصل، انتظار پيدا ٿين ٿا. عشق، محبوب کان وٺي مٿيءَ تائين ڦهلجي وڃي ٿو. اهو هڪ فنا نہ ٿيندڙ جذبو آهي، جنهن کان سواءِ ڪائنات جو تصور ئي اڻپورو رهجي وڃي ٿو. صوفي ۽ ويراڳي شاعرن عشق کي پنهنجو امام تسليم ڪيو آهي، جنهن جي رهنمائيءَ ۾ هو اڳتي وڌن ٿا:

جنهين محبت من ۾، سي ميرا ئي سُونهن،
تن ۾ ٻرن مشعلان، سنديان سُپيرين.

(بلوچ، ١٩٩٩ع: ١١٣)

جنهن وٽ حُسن جمال جو شعور ناهي، ان انسان جي قاضي قادن ڏيڏر سان ڀيٽ ڪئي آهي، جيڪو سَرَ جي تري ۾ مٿي ڪائيندي، سڄي ڪائنات ان کي ئي سمجهي ٿو. جڏهن تہ ساڳئي سر ۾ ڪنول ٽڙيل آهي، پر ڏيڏر کي ان جو شعور ناهي. عام ماڻهو صرف مٽي ڪائڻ ۾ پورا آهن. دنيا جي ڊوڙ ۾ انهن کي ٻيو ڪجهہ نظر ئي ڪين ٿو اچي. اهڙن ماڻهن جي زندگي اجائي ۽ بيڪار وڃي ٿي:

سَر هيڪڙي وسن، جَر ۾ نيڻهن نہ گڏئو،
سار نہ سالورن، مٿي ڪنول ڦُلاريو.

_(بلوچ، ١٩٩٩ع: ١٣٧)_

جي سالورو سُڌ لهي، ڪنولان سندي ڪاءِ،
تہ پيو پاتالَ ۾، هوند نہ مٽي ڪاءِ.

_(بلوچ، ١٩٩٩ع: ١٣٨)_



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

كُهي كيا شهيد، تو جي اکڙين سان،
تن تنهنجي تاتڙي، نہ ڪو عيش نہ عيد.
(بلوچ، ١٩٩٩ع: ١٣٩)

پاٽياريءَ سر ٻهڙو، جَر تي پکي جيئن،
اسان سڄڻ تيئن، رهيو آهي روحَ ۾.
(ميمڻ، ٢٠٠٧ع: ١٨٨)

سڄڻ ساعت هيڪڙي، جي ٿئي اکيؤن ڏار،
تہ ڪر سڀ ڇمار، ڏئوسين نہ ڪڏهن.
(ميمڻ، ٢٠٠٧ع: ١٩١)

قاضي قادن، حُسن جمال جي پرک ۽ عشق جي احساس کي سادن لفظن ۾ بيان ڪيو آهي. اکين جي شهيدن جي عيد ڪهڙي، اُهي تہ هر وقت پرينءَ جي ياد ۾ گُم رهن ٿا، جو انهن کي پنهنجي خبر ئي نٿي پوي. محبوب روح کان جدا آهي ئي ڪونہ. شاهہ ڪريم پنهنجو مشاهدو بيان ڪري ٿو، جنهن لاءِ هن هڪ بيت ۾ ٻہ تشبيهون استعمال ڪيون آهن، جيڪي عاشق ۽ محبوب جي تعلق کي ظاهر ڪن ٿيون. محبوب جي ياد مان ڪڏهن بہ غافل ناهي رهڻو. هڪڙو پل بہ هن جو تصور نہ رهيو تہ ايئن ٿيندو، ڄڻ سڄي زندگي سندس مشاهدو ئي نہ ٿيو.

”پنهنجي سونهن لاءِ جيئن آرسي هوندي آهي، تيئن عشق جي ڪاروهنوار ۾ چاهيندڙ اڳيان چاهجندڙ هئڻ يا چاهجندڙ اڳيان چاهيندڙ جو هئڻ لازمي هوندو آهي، جنهن سان پنهنجي سُونهن، سوڀيا ۽ وڻندڙ شخصيت جو ادراڪ ٿي ويندو آهي ۽ اُن جي غير موجودگيءَ ۾ سموري سونهن تڇ پيئي لڳندي آهي.“ (پيرزادو، ٢٠٠۴ع: ١١۴)

جڏهن ڪنهن بہ انسان جي اندر عشق اچي واسو ڪندو آهي، تہ هن جي ڪيفيت ۾ ڪافي تبديلي اچي ويندي آهي ۽ هو ڄڻ هڪ نئين دنيا ۾ گذارڻ لڳندو آهي:

عشق اسان وٽ آرائينءَ جيئن،
آيو جهول پري، ڪوئي ڪيئن ڪري.
(شيخ اياز، ٢٠٠٨ع: ٦٢)





ترهو آچ مَر تن کي، جن عشق سين آگاهہ،
پنچي مَس ملاحَ، ساهڙ ئي سُهٽي.
(آڏواڻي، ١٩٩٧ع: سهڻي)

پاڻ مَر ڪٽج پاڻ سين، ريءَ وسيلي وَڏَ،
لالڻ تنين لڏَ، عشق جن جي اڳ ۾.
(آڏواڻي، ١٩٩٧ع: ١٣١)

عشق شهر فقير، در در هٽن سين،
جتي پَسن کين، تتي ڪرين تڪيو.
(آڏواڻي، ١٩٩٧ع: رامڪلي)

عاشقن آرام، ڪڏهن تان ڪونہ ڪيو،
طعني ڪيا تمام، حبيباڻي هيڪڙي.
(آڏواڻي، ١٩٩٧ع: يمن ڪلياڻ)

عشق اهڙي ذات، جو مانجهي مُنجهائي مين ڪي،
اُتيي وينئي تاتِ، ميان محبوبن جي.
(آڏواڻي، ١٩٩٧ع: بروو سنڌي)

ويراڳي شاعرن مان شاهہ لطيف وٽ، حُسن جمال جو شعور ۽ عاشقيءَ جي فلسفي جا ڳوڙها ويچار ٻين شاعرن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ آهن. سندس نظر ۾ عشق ڪا عام رواجي راند ناهي، جو هرڪو ڪيڏي سگهي، هتي تہ سر جو سودو ڪرڻو آهي. اٺئي پهر محبوبن جي سار رهي ٿي، غفلت جي ڪا گنجائش ناهي.

”عشق هر هنڌ ۽ هر دؤر ۾ رهيو آهي. ان لاءِ سر ترِيءَ تي کڻڻ ۽ مچ ۾ ٽپي پوڻ بہ هر هنڌ ٿيندو رهندو آهي. جڏهن بہ عشق ڪرڻ وارا، ڪنهن مقصد لاءِ جدوجهد ڪرڻ وارا، هڪ گهڙيءَ لاءِ غافل ٿي وڃن ٿا، يعني پنهنجي مقصد، پنهنجي محبوب کي پل لاءِ بہ دل تان وساري ٿا ڇڏين تہ انهن جو حال اهو ئي ٿو ٿئي، جو انهن کي ساٿ سُتي ئي ڇڏي وڃي ٿو.“ (عباسي، ١٩٩٥ع: ٢٣٩)

گُجر گهٽا گهائيا، پاٽان لڳس گهاءُ،
مينڌري ملاءُ، لڳس ڪانُ ڪپارَ ۾.
(آڏواڻي، ١٩٩٧ع: ٣٣)



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

جهڙا گل گلاب جا، تهڙا مٿن ويسَ،
چوٽا تيل چنبيليا، ها ها هو هميش،
پسيو سُونهن سيد چئي، نينهن اچن نيش،
لالڻ جي لَبيس، آتڻ اڪرُ نہ اُجهي.

(آڏواڻي، ۱۹۹۷ع: مومل راڻو)

شاهہ لطيف جو ويراڳي فڪر، سندس سورمين ۾ پسي سگهجي ٿو. سسئي ۽ مومل جو ويراڳي ڪردار آهي. انهن جي عاشقيءَ کي لطيف پرکي ٿو. عشق ۾ هو جيڪي تڪليفون ڏسن ٿيون، انهن کان بہ واقف آهي. اُنهن جي حُسن جمال جو بہ شعور رکي ٿو. سونهن چاهي آهي ۽ اُن تي عاشق ڪيئن مستان ٿين ٿا، اهڙو اظهار شاهہ جي رسالي ۾ جابجا موجود آهي. عاشق، صوفي ۽ ويراڳي هڪ ئي ڪيفيت جا ڏار ڏار نالا آهن. هڪ اسم جو ذڪر ايندو تہ ٻيو خود بخود ان سان ڳنڍيو ايندو.

آهي عشاقن جو، مذهب مشتاقن،
جي ڪڏهين ڪين پَسن، هيئين سين هوتن ري.

*(بدوي، ۱۹٦۴ع: ٦٠)*

اڪر پڙهہ عشق جو، ڪنز ڪدوري ڇڏ،
چڙهہ تنين جي مڏِ، جي سُتي ڏين شراب جي.

*(بدوي، ۱۹٦۴ع: ٦٧)*

## وائي

عشق تمام، برهہ تمام، وو مين لوٹي يار لوڪو!
رات جاڳڻ، صاحب سنڀالڻ، اِي فقيران دا ڪام،
مت عقل دي مُنجهہ ڳئي، آيا عشق امام،
وو مين لوٹي يار لوڪو!

*(انصاري، ۱۹۹۷ع: ٦٦)*

صوفي شاعرن وٽ، حُسن جمال جو شعور ۽ عشق جو احساس پنهنجي انداز جو هوندو آهي، ڇو تہ اهوئي زندگيءَ ۾ انهن جي رهنمائي ڪري ٿو. صوفي دنياوي لوازمات کان دور هوندا آهن. انهن وٽ سادگيءَ کي وڏي اهميت هوندي آهي. سادگي،





جيڪا سچائيءَ جي علامت آهي، بناوت ۽ ٺاهہ ٺوهہ کان پري، ويراڳي شاعرن وٽ حُسن جمال جو تصور بہ سادگيءَ وارو آهي، جو سادگيءَ کي بہ پنهنجي منفرد سونهن آهي. عشق جو فقيراڻو انداز ۽ سادگيءَ واري سونهن، ويراڳين جي سڃاڻپ آهي.

سچل سرمست وٽ بہ عشق جو اعليٰ مقام آهي. هن جي عاشقيءَ ۾ سرمستي آهي، رنديءَ جي مستي آهي.

اها امانت عشق والي
نهين ميسر ملڪان.

(انصاري، ۱۹۹۷ع: ۳٦)

”سڀ شاعر انسان هوندا آهن، مگر سڀ انسان شاعر نہ ٿيندا آهن. اهڙي طرح سڀ حُسن پرست شاعر نہ ٿيندا آهن، پر سڀ شاعر حُسن پرست ضرور هوندا آهن. سچل انسان هو، سچل شاعر هو، سچل جي سيني ۾ دل هئي. سچل جي شاعري پڙهڻ کان پوءِ اقرار ڪرڻو پوندو تہ مٿس مجازي عشق جو اثر هو. ڪو پرين هئس، جنهن جي نظر جو تير سندس سيني ۾ کُتل هو. ان کان سواءِ اهڙيون روايتون بہ ملن ٿيون تہ سچل جي راڳ، ناچ ۽ حُسن پرستيءَ سان گهري دلچسپي هئي.“ (عباسي، ۲۰۱۲ع: ۱۱۴)

## ڪافي

عاشق ڪَيئي اُداسي،
واهہ واهہ ڳالهہ خاصي.

لڱن لڱن منجهہ روز ازل کُون، آهي ورهہ اوهان جي واسي،
هيڏي هوڏي ڪين وياسي، باتِ اِها اسان باسي،
برهہ اوهان جي ڪيو بيراڳي، سچو رنگ سَناسي.

*(انصاري، ۱۹۹۷ع: ۵٦)*

سُهڻي سڄڻ سان نينهڙو لايو سي،
ورد پڙهيم ٿي وچ ۾، اديون ڙي، آڏو عشق آيوسي،
ٻن وجهي ٻيون ڳالهڙيون، اديون ڙي، ڳليءَ ڳليءَ يار ڳايوسي.

*(انصاري، ۱۹۹۷ع: ۸٠)*



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

تنهنجي حُسن ماريا، سوريءَ سنپاريا،
انهيءَ ڳالهه ڳايا، هزارين هزار.
’سچو‘ عشق ايندئي، اچي ڏاڻ ڏيندئي،
’من و ما‘ نيندئي، ڪندئي گُل بهار.
*(انصاري، ١٩٩٧ع: ٨١)*

عشق اول آزمائي، ڪاڪيون ڪيچن جو، ميان.
عاشق صادق سُڻ ’سچيڏنا‘، پول نہ ڪنهن پولائي.
*(انصاري، ١٩٩٧ع: ١٤٢)*

عشق تنهنجي ماري آهيان،
آءُ اچي ڏي دوست دلاسو دل کي.
*(انصاري، ١٩٩٧ع: ١٤٣)*

اندر آڳ عشق جي، ويو ٻاروچو ٻاري،
ڪارڻِ ڪوهياري، مٿي راهه روئان گهڻو.
*(انصاري، ١٩٩٧ع: ١٤٧)*

سچل سرمست وٽ عشق جو رنگ، گيڙو آهي. هن ويراڳي صوفيءَ وٽ عشق ۾ بہ سرمستي آهي. سسئي، سهڻي توڙي مومل جي روپ ۾، عاشقيءَ جا ڪيئي آلاپ، سچل سائينءَ جي ڪلام ۾ موجود آهن. حُسن جمال جو تصور، هڪ صوفي شاعر وٽ ڪيئن هجڻ گهرجي، اهو سچل سائين اسان کي هڪ نئين انداز سان ٻڌائي ٿو. حُسن جي بادشاهي آهي ۽ عاشق ان جي درٻار جو ٻانهو آهي. حُسن جي اڳيان سچل سرمست ٻانهپ واري ٻولي اختيار ڪئي آهي.

روحل فقير بہ عشق کي پنهنجو رهبر تسليم ڪيو آهي، جيڪو ڪيس محبوب سان ملائي ٿو. جن وٽ عشق اچي ٿو، انهن کي ڪنهن جي بہ ڪاڻ ڪڍڻي نٿي پوي:

نہ مون سڌ نہ سار، اچي عشق اُٿاريو،
’روحل‘ چوي روح ۾، تن پرين جي پچار،
سي اکين آيا سپرين، ياد ڪريندي يار،





ٿريا نيٽن نار، پسي منهن محبوب جو.
*(بدوي، ١٩٦٤ع: ٧٦)*

جن کي عشق اندر ۾، تن کي اُڃ نہ بُک،
وحدت منجهہ وصال جي، سدا ماڻن سُک،
ڏور تنين تان ڏُک، جي روحل رتا روحَ ۾.
*(بدوي، ١٩٦٤ع: ٦٦)*

مُراد فقير بہ روحل فقير جي عزيزن مان هو. هن صوفي ۽ ويراڳي شاعر تي روحل وارو ئي رنگ چڙهي ويو هو:

جنهن کي عشق اُٿاريو، سا سانگو ڪري نہ ساهہَ،
موٽڻ تنهن کي ميهڻو، پسي دؤر درياهہ،
جهلي رهي نہ جهول ۾، ڏي لهرين مٿي لاهہ،
ساهڙ جي صلاح، وڃي ملي منڌ ’مُراد‘ چئي.
*(بدوي، ١٩٦٤ع)*

روحل فقير جو فرزند غلام علي فقير بہ عاشقيءَ جي پنڌ ۾ ٻين کان پوئتي ناهي. سندس صوفياڻا افڪار تصوف جي رمزن سان ڀريل آهن:

اندر آڳ عشق جي، ٿا جوڳي جاڳائين،
سامي سدا سِڪَ ۾، ٿا خوديءَ کي کائين،
پاڻ پليو پاڻ ڪان، پانئڻ نا پائين،
غلام علي عشق ۾، عاشق سي آهين،
کهي لاهوتي لاهين، لاڳاپا هن لوڪ جا.
*(جوٽيجو، ١٩٧٣ع: ١٨١)*

”دريا خان فقير هڪ سٺو صوفي شاعر هو. روحل فقير کان پوءِ دريا خان فقير هڪ اهڙو شاعر آهي، جنهن جو ڪلام حيات ۽ ڪائنات جي حُسن کي عشق جي نگاهہ سان ڏسندو، ڪيئي روپ ڏيکاريندو، پکڙندو وڃي ٿو.“ (مانجهي، ٢٠١٠ع: ٣٧٤)

دريا خان فقير، روحل فقير جو ننڍي ۾ ننڍو پٽ هو. سندس هڪ ڪافي،



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڀڳت ڪنور رام جي آواز ۾ سڄي سنڌ ۾ مقبول ٿي، جنهن جا ٻول آهن: ”آءُ ڪانگا ڪر ڳالهہ، مون کي تن ماروئڙن جي“. دريا خان فقير جو ڪلام، مشهور شاعر ۽ اديب نياز همايونيءَ سهيڙيو آهي.

هي راز حُسن جو، اسرار آهي اکين ۾،
سبحان ساري صورت، مولا وسي مڙين ۾،
اهڙو تہ عشق آهي، سامان سڀ لُٽائي،
پنهنجو ٿو پاڻ وڃائي، دلبر سندي درشن ۾.
(بدوي، ۱۹۶۴ع: ۱۰۴)

’دريا خان‘ عشق اندر جن آهي،
چپر پنڌ تنين کي چاهي،
ڪونهي ڪيچ ڪشال.
(بدوي، ۱۹۶۴ع: ۸۱)

قادر بخش بيدل وٽ بہ سچل سرمست جيان، عشق جا آڙاهہ آهن. هر ويراڳي صوفيءَ جيان، فقير وٽ بہ عشق هڪ سهارو آهي، محبوبن تائين پهچڻ جو.

جنهن نون عشق بتاوي راهہ،
تنهن نون ڪونہ ڪري گُمراهہ.
(درگاهي، ۲۰۱۱ع: ۱۶۵)

عشق جي رستي وارا ڪڏهن بہ گمراهہ نٿا ٿي سگهن. بيدل فقير وٽ حُسن جمال جي وڏي پرک آهي. هُن جي خيال موجب عشق جو سرچشمو حُسن جمال ئي آهي. جنهن وٽ حُسن جي پروڙ ناهي، اهو صوفي ويراڳي نٿو ٿي سگهي. حُسن جي رهبريءَ ۾ حق جي واٽ حاصل ٿئي ٿي.

حسن سونهارا، رهبر ساڏا، حق جي راهہ بتاوندا هي،
ويکو قطري دي وچ ڪيوين، سارا سمنڊ سماوندا هي،
بيدل رنگ اُتي بيرنگي، ويک جو جلوا پاوندا هي.
(درگاهي، ۲۰۱۱ع: ۱۵۷)





بيدل حُسن جي شمع تي، پرتون اچي پروان ٿيو،
معشوق عاشق عشق کي عين اليقين يڪذات ڪيو.
(درگاهي، ۲۰۱۱ع: ۱۹۰)

”بيدل سائينءَ جي مجازي ۽ عاشقاڻي ڪلام ۾ حُسن ۽ عشق جو اظهار، جتي مفڪرانہ سوچ ۽ فلسفي کي ظاهر ڪري ٿو، اُتي فني حوالي سان بہ شعري خوبصورتين سان مالامال آهي.“ (درگاهي، ۲۰۱۱ع: ۱۲۸)

سڀني ويراڳي صوفي شاعرن ۾ فڪري هڪجهڙائي سان گڏ هڪ تسلسل بہ آهي. بيدل جي اظهار تي بہ گذريل صوفي شعراءَ جا اثرات موجود آهن.

خواجہ غلام فريد بہ عشق کي پنهنجو رهبر مڃي ٿو. سڀني ويراڳي شاعرن وٽ عشق جي هڪجهڙي فلاسافي آهي. هو سڀئي عشق جي اڳواڻيءَ ۾ اڳتي وڌڻ چاهين ٿا.

سِک ريت روشن منصوري نون،
هڻ نپَ رک ڪنز قدوري نون،
جو ڪوئي عشق مدرسي آيا،
فقهہ اصول دا فڪر اُٺايا،
بي شڪ عارف هوڪر پايا،
رمز حقيقت پُوري نُون.
(چانديو، ۱۹۹۸ع: ۱۵۶)

عشق جي مدرسي ۾ داخل ٿيڻ بعد، عاشق ٻين علم جي ڪتابن کان جڙ آجو ٿي وڃي ٿو. اهو عاشق، عشق واري دروازي کان عرفان جي منزل تي پهچي وڃي ٿو. عارفن ۽ عاشق جو درجو مٿانهون آهي. عرفان جي منزل تائين رسائيءَ کان پوءِ ئي سموريون حقيقتون آشڪار ٿين ٿيون.

نانڪ يوسف فقير وٽ بہ عشق جون ڪيئي صورتون آهن.

ڏس اُتاهون، نظر آڳاهون،
گم هئڻ هت پاڻ پرانهون،
عشق حسن گيت ڳايو،



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

مچ مچايو، غير نہ آيو.
(چانڊيو، ١٩٩٨ع: ١٥٦)

عاشق مرد عجب منصوري، سولي سر سلطان.
(عباسي، ٢٠١٤ع: ٩٠)

نانڪ يوسف يار جي ٻولي، عشق لقارو هر جا هولي.
(عباسي، ٢٠١٤ع: ٧٦)

نانڪ يوسف جي نظر ۾ عاشقيءَ جو رُتبو جتي وڏي شان وارو آهي، اُتي وڏو امتحان بہ آهي، جنهن ۾ سر جي پرواهہ نٿي ڪرڻي پوي. رموزِ عشق کي سمجهڻ لاءِ بہ اهل دل هجڻ ضروري آهي. نانڪ يوسف کان پوءِ وارن شاعرن وٽ بہ عشق کي وڏو درجو حاصل آهي.

خوش خير محمد هيسباڻي بہ ويراڳي شاعرن مان نمايان آهي. سندس ڪلام بہ حُسن و عشق، سوز و فراق جي ڪيفيتن سان ڀريل آهي:

عشق اچي مون سان ڪيون ڳالهيون،
ڏسڻ نہ جهڙيون، سَلڻ نہ جهڙيون،
حُسن جون فوجان سر عشاقن،
اچي اُمالڪ ڪنيون.
(عباسي، ١٩٩٨ع: ٤٢)

نينهن پڙهائي نماز،
عشق ٿي آيو امام اسان جو.
حضرت عشق اسان جو دائم،
ڏينهن قيامت تائين قائم،
نوڙي ڪيوسي نياز.
عشق جي بازي عاشق ڄاڻن،
مام محبت سالڪ سڃاڻن،
رند ڪي سمجهي راز.
(عباسي، ١٩٩٨ع: ٧٧)





قاضي قادن کان خوش خير محمد هيسباڻيءَ تائين سيني ويراڳي شاعرن وٽ حُسن و جمال جو بي انتها شعور آهي. اهو شعور قدرتي سونهن کان انساني جمال تائين آهي. عشق عين عبادت آهي، انهن صوفين وٽ، جو تہ اُنهن وٽ، 'عشق' تمام اُتم درجو رکي ٿو. 'عشق' بنا هر شئي اڻپوري آهي. فقير هيسباڻي چواڻي، 'مام محبت سالڪ سڃاڻن' هر ماڻهوءَ جي سمجهہ کان ڳالهہ مٿي آهي.

"عشق هڪڙي اهڙي خدائي ذات يا طاقت آهي، جيڪا سڀ ڪنهن انسان ۾ موجود رهي ٿي، مگر اها انهيءَ جي ذاتي طاقت ۽ لياقت آهر ٿي رهي. اها هڪڙي برقي طاقت وانگي آهي، جا ڪل ٿي رهي ۽ پوري موقعي تي ظاهر ٿي ٿئي." (قليچ، ٢٠١٣ع: ١٨)

سيني ويراڳي شاعرن وٽ عشق هڪ اهڙي ڪنوڻ جيان آهي، جيڪا نہ صرف انهن عاشق جي اندر ۾ روشني ڦهلائي ٿي، پر انهن صوفي سالڪن جي شاعريءَ کي منور ڪري ٿي. اُتان پوءِ اُهو نُور سڄي ڪائنات ۾ ڦهلجي وڃي ٿو.

## مددي ڪتاب:


١. آڏواڻي، ڪلياڻ. 'شاهہ جو رسالو'، سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد، ٢٠٠٧ع.
٢. انصاري، عثمان علي، 'سچل سرمست جو سنڌي ڪلام' سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، ١٩٨٢ع.
٣. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، 'قاضي قادن جو رسالو'، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو، ١٩٩٩ع.
٤. بدوي، لطف الله، 'ڪنڌڙيءَ وارن جو ڪلام'، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، ١٩٦٤ع.
٥. پيرزادو، مير محمد، (مقالو)، 'سُر مومل راڻو'، شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز، حيدرآباد، ٢٠٠٤ع.
٦. چانڊيو، جاويد، 'ديوان فريد'، سرائيڪي ادبي مجلس، بهاولپور، ١٩٩٨ع.
٧. درگاهي، اختر، 'بيدل سائينءَ جو رسالو'، بيدل يادگار ڪاميٽي، روهڙي، ٢٠١١ع.
٨. عباسي، تنوير، 'شاهہ لطيف جي شاعري'، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، ١٩٩٥ع.
٩. عباسي، تنوير، 'نانڪ يوسف جو ڪلام'، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، ٢٠١٤ع.
١٠. عباسي، تنوير، 'ڪلام خوش خير محمد هيسباڻي'، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، ٢٠٠٨ع.
١١. عباسي، خادم، 'عشق ڪيم اظهار'، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، ٢٠١٢ع.
١٢. مانجهي، محمد علي، ڊاڪٽر، 'صوفي شاهہ عنايت شهيد ۽ سندس سلسلي جا شاعر'، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، ڪراچي، ٢٠١٠ع.
١٣. مرزا، قليچ بيگ، 'علم تصوف'، سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد، ٢٠١٣ع.




Shah Abdul Latif Bhitai Chair